پروفيسر محمد سليم ميمڻ

# پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي - محقق جي حيثيت ۾


***Abstract***

**Prof. Dr. Atta Muhammad Hami - As a Researcher**

*Professor Atta Muhammad Hami had been a great researcher, poet, critic and a popular teacher. In his early career he paid attention to literature and poetry and acquired fame in literary circles. He trained many writers and poets and played a fundamental role in getting them significant place in the literary world.*

*Since Hami belonged to the State of Khairpur, he observed and studied various departments of the State of Khairpur and the administration of Talpur period in Sindh. Working on different administrative, political, cultural, agricultural and business systems he conducted a comparative study of the State before and after the end of it. He obtained his Ph.D. from Sindh University on “The Contribution of Khirpur Mirs to Literature, Politics, and Culture.” The present paper has critically analysed this Ph.D. thesis. Although literature, culture and politics are the part of Hami’s thesis, he has touched on every aspect of life that include agriculture, irrigation, system of government, economic affairs, personal life of the Talpurs, their conflicts in various wars among them and other matters. The present paper has critically viewed all these aspects.*


**پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد حامي** پنهنجي دور جي هڪ گهڻ رخي شخصيت هو، هو پنهنجي دور جو بهترين بي باڪ شاعر اديب، عالم، ڏاهو، خوش اخلاق انسان ۽ محقق هو. حامي صاحب جي شخصيت ۾ جيڪي خوبيون هيون انهن ۾ سندن هڪ خوبي Social Relations جي Development هئي، هڪ دفعو جنهن به شخص کي مليو، تنهن جو ٿي ويندو هو يا ان کي پنهنجو ڪري وٺندو هو. ان خاصيت جي ڪري سندس گهٽ‌گهرن ۽ محبت ڪندڙن جو دائرو نهايت وسيع هو ۽ ان ۾ وسعت ايندي رهندي هئي. خوش اخلاقي ۾ سندس ڪو ثاني نه هو، هر ملندڙ کي سهٽا، مٺا ۽ من جي لقبن سان نوازڻ سندس طبيعت جو هڪ اهم جز هو. اها خوش خلقي آخري ڏينهن تائين ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ به جاري رهي. جتي مان کيس پنهنجي هڪ محترم استاد سان گڏ ملڻ ويو هئس. ڊاڪٽر عطا محمد حامي جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ :-

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

1. منصور ثاني سچل سرمست، 1964ع.
2. سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري (ترتيب)، 1981ع.
3. نينهن جا نعرا، (سچل جي فارسي مثنوين جو منظوم سنڌي ترجمو) 1983ع.
4. وکريل موتي (مضمون ۽ مقالا)، 1983ع.
5. حامي جو ڪلام (شاعري)، 1986ع.
6. خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، (پي ايچ ڊي جو مقالو، 1994ع.)

حامي صاحب شاعريءَ کانسواءِ پنهنجي حيثيت هڪ محقق طور بہ ميڃرائي ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي رهنمائي ۾ "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" جي موضوع تي Ph.D. لاءِ پنهنجو مقالو لکيو. ان مقالي کي پهريون ڀيرو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1994ع ۾ شايع ڪرايو ۽ هاڻي سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي ٻيهر شايع ڪرايو آهي.

حامي صاحب جي ان کوجنائي مقالي جو جيڪڏهن جائزو وٺجي تہ هو اسان کي هڪ اديب ۽ ادب جي شاگرد کان وڌيڪ هڪ سماجي علمن جي ماهر جي حيثيت ۾ نظر اچي ٿو. هن پنهنجي ان کوجنائي مقالي کي يارهن بابن ۾ ورهايو آهي ۽ سندس ڪجھ باب تہ اهڙا آهن جن تي جيڪر ڪيس ڌار ڌار Ph.D. جون ڊگريون ڏيئي سگهجن ٿيون، پر حامي صاحب انهن وسيع موضوعن ۾ اختصار سان گڏوگڏ جامعيت پيدا ڪري انهن کي هڪ ئي ڪتاب ۾ نہ فقط يڪجا ڪيو آهي، بلڪ هر هڪ موضوع جو سائنسي بنيادن تي تجزيو پڻ ڪيو اٿس.

ميرن جي دور جي شروعات کان وٺي مقالي لکڻ تائين حامي صاحب ميرن جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي زندگي جو نهايت واضح، سهڻو ۽ حقيقي عڪس چٽيو آهي، هن پنهنجي کوجنا ۾ کوجنا جي جديد اصولن سان گڏوگڏ، سوشل سائنس جي فيلڊ ورڪ جي تجزياتي کوجنا واري نموني موجب پڻ ڪافي ڄاڻ گڏ ڪئي آهي ۽ ان دور جي وڏڙن کان مليل ميرن جي عملي سياست بابت ڄاڻ مهيا ڪئي آهي. ڊاڪٽر حامي ان گڏ ڪيل ڄاڻ تي فقط نہ ڀاڙيو آهي، بلڪ ان جي وڌيڪ ڇنڊڇاڻ بہ ڪئي اٿس ۽ ان سڄي معلومات کي پڙهندڙن تائين افسانوي انداز ۾ پيش ڪيو اٿس، جنهن سان پڙهندڙن جي دلچسپي برقرار رکي اٿس، جڏهن تہ Ph.D. جا مقالا عام طور تي ٺوس ۽ منطقي حقيقتن تي ٻڌل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هوندا آهن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ دلچسپي جو ڪو سامان مهيا نہ ڪري سگهندا آهن. پر حامي صاحب جو اسلوب ۽ ٻولي عام سليس انداز ڪتي بہ اهو محسوس ٿيڻ نہ ٿو ڏئي تہ ڪو اهو ڪوجنائي مقالو آهي. سواءِ انهن حوالن جي جيڪي مقالي ۾ ڏنل آهن.

ميرن جو دور سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم دور هو تہ ٻئي پاسي سنڌ جي تاريخ جي اٿوٽندڙ دورن مان هڪ دور هو جنهن ۾ سنڌي عوام جي سماجي جوڙجڪ توڙي ترقيءَ تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو. هڪ پرڏيهي ٻولي کي سنڌين تي زوري مڙهيو ويو. حڪومتي سرشتو ڊانواڊول رهيو. ايتريقدر جو هڪ انگريز سروير ايڊورڊ پيٽرسن ڊيل هوسٽ جيڪو مير مراد علي ٽالپر جي دور ۾ سنڌ ۾ سنڌ جي سروي تي آيو، هن جيڪو ڪجھ ڏٺو سو پنهنجي رپورٽ ۾ بيان ڪندي لکيو آهي، ”هنن کي پنهنجي عوام سان ڪا همدردي ڪانہ هئي عوام فقط حڪومت هلائڻ لاءِ محصولن گڏ ڪرڻ جو ذريعو هئي، حاڪمن کي فقط دولت گڏ ڪرڻ ۽ حڪومت کي قائم رکڻ سان دلچسپي هئي. هو ڏاڍن کان ڊڄن ٿا ۽ هيٺن کي وڏيڪ دٻائين ٿا.“(1)

ان حوالي سان گڏ ايڊورڊ پيٽرسن هڪ واقعو بيان ڪندي لکيو آهي تہ سنڌن قافلو جڏهن حيدرآباد پهتو تہ هنن اتي ترسڻ جو فيصلو ڪيو، جتان سنڌن بہ اٺ چوري ٿي ويا. جڏهن پيرا کنيا ويا تہ اهي هڪ سردار جي علائقي ڏانهن ويا، اها شڪايت جڏهن انگريز ڪيپٽن مير مراد علي ٽالپر سان ڪئي تہ هن وراڻيو تہ هو انهن سردارن سان وڙهڻ نٿو چاهي تنهن ڪري هن سردارن کان اٺ موٽرائي ڏيڻ بدران پاڻ بہ اٺ ڀري ڏنا. ان جو هڪڙو سبب اهو بہ هو تہ ميرن جو پنهنجي بلوچ ذاتين ۽ ويڙهاڪ سردارن تي ٻنهہ ڪنهن بہ قسم جو ڪنٽرول نہ هو، ٻئي پاسي پرامن هندن جو وري اهڙو استحصال جو ايڊورڊ پيٽرسن لکيو تہ، ”جيڪڏهن هو اڇا ڪپڙا پائي هلند اهئا تہ انهن تي واڌو محصول مڙهيا ويندا هئا، مطلب تہ سنڌن اصول هو تہ ڏاڍي کي هٿ ناهي لائڻو ۽ هيٺي کي وري اهڙو چيپاٽڻو آهي جو سڌو هلي بہ نہ سگهي.“(2)

اهڙي دور جي حالتن ۽ سياسي معاملن بابت پروفيسر عطا محمد حامي جيڪا ڄاڻ گڏ ڪئي ۽ ان کي جنهن حسن ۽ خوبيءَ سان ترتيب ڏنو آهي، تنهن جو مثال ٻين اديبن ۽ عالمن وٽ گهٽ نظر ٿو اچي. حقيقت ۾ پنهنجي هن مقالي ۾ ڊاڪٽر حامي ميرن جي دور جي تاريخ کي هڪ تاريخدان جي حيثيت ۾ قلمبند ڪري ۽ اٽڪل سنڌ جي ڏيڍ سو سالن جي تاريخ مهيا ڪئي آهي.

پنهنجي ان مقالي کي حامي صاحب يارهن بابن ۾ قلمبند ڪندي خيرپور

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رياست جي جاگرافي، اُتان جا جهونا آثار، ٽالپرن جو حسب نسب ۽ اوائلي احوال، ٽالپرن جي سياسي تاريخ ۽ ان ۾ خيرپور جي ميرن جو حصو، خيرپور جا حڪمران ۽ انهن جو حڪومتي سرشتو، خيرپور جي ميرن جو ادب، تعليم ۽ تدريس ۾ حصو، ميرن جي تهذيب ۽ تمدن جو اپياس، سندن ريتون، رسمون ۽ مذهب، شڪار جا مختلف طريقا، راڳ رنگ سان سندن دلچسپي، هنر ۽ ڪاريگريون، سندن وزير، ديوان، مشاهير، پناڻن جا دستا، مخدوم، قاضي ۽ عالم، پير فقير ۽ شاعر مطلب تہ ان دور جي زندگيءَ جي هر شعبي کي حامي صاحب پنهنجي هن مقالي ۾ جڳهہ ڏيئي ميرن جي دور جي هڪ منفرد تاريخ مرتب ڪئي آهي ۽ خيرپور رياست جي هڪ رهواسي، عالم ۽ تاريخدان هئڻ جو پورو پورو فرض نڀايو آهي.

حامي صاحب پنهنجي ان مقالي ۾ ايترو تہ گهرائي ۾ ويو آهي جو هن ان دور ۾ خيرپور رياست ۾ موجود جانورن جي انگن اکرن کي بہ گڏ ڪيو آهي. پنهنجي مقالي ۾ لکن ٿا:

”خيرپور چوپائي مال ۽ جهنگلي جانورن ڪان بہ مشهور آهي. مير واهہ،فيض گنج، ۽ نارو تعلقا توڙي ڪچي وارو سارو علائقو پاڳين ۽ پاٽن سان پريو پيو آهي. اوائلي ميرن جي زماني ۾ مال جي ايتري گهٽائي هوندي هئي جو مالدارن جون مينهون، ڳئون، ڏاچيون، رڍون ۽ ٻڪريون، اٺ ڏڌيون چٽنديون هيون.“(3)

اڳتي هلي حامي صاحب سال 1952ع ۾ خيرپور ۾ موجود جانورن جا باقاعده انگ اکر ڏنا آهن تہ ڪوٽ ڏجي، خيرپور، گمبٽ، ميرواهہ، فيض گنج ۽ ناري ۾ ڪيترين هزار مينهون، ڳئون، رڍون، ٻڪريون، اٺ، گهوڙا ۽ گڏهہ هوندا هئا، ايتري پيرائتي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هن جيڪا جاکوڙ ڪئي هوندي تنهن جو اوهين پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا. انگن اکرن جو چارٽ (4) حاضر آهي:

| | خيرپور | ڪوٽڏيجي | گمبٽ | ميرواهہ | فيض گنج | نارو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مينهون: | 37374 | 35374 | 36375 | 37475 | 33573 | 30671 |
| ڳئون: | 43312 | 46213 | 40312 | 42233 | 44613 | 3294 |
| رڍون: | 50413 | 19855 | 36273 | 23191 | 28715 | 21241 |
| ٻڪريون: | 43704 | 35912 | 45954 | 47014 | 31394 | 19212 |
| اُٺ: | 5340 | 6750 | 5746 | 4830 | 5440 | 1509 |
| گهوڙا: | 6200 | 9110 | 5112 | 4107 | 1202 | 1109 |
| گڏهہ: | 1430 | 780 | 100 | 250 | 175 | 312 |

مير واهہ تعلقي جي جاگرافيائي حدن بابت هن مختلف ذريعن کان ڄاڻ حاصل ڪئي، ان حد تائين جو واپڊا جي بورنگ مشين جي عملي جي هڪ ماڻهوءَ وٽان ڪيس ڪا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مستند ڄاڻ ملي ته ان کي به هٿ ڪري انجو تجزيو ڪيو اٿس.

حامي صاحب ٻيو ته ڇڏيو پنهنجي مقالي ۾ ميرن جا جيڪي شجرا ڏنا آهن، تن مان ئي سندس جاکوڙي ۽ محنتي طبيعت جا اهڃاڻ ملن ٿا. حامي صاحب جو اهو مقالو سنڌي ٻولي، علم ادب ۾ جيڪا حيثيت رکي ٿو، تنهن بابت مرحوم سائين حسام الدين شاهه راشدي جو چوڻ آهي ته:

”مون هيستائين جيڪي پي ايچ ڊي جون ٿيسز ڏٺيون آهن، تن سڀني ۾ حامي صاحب جي ٿيسز معياري ۽ مستند آهي.“ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي جهونن آثارن جي شعبي وٽ به خيرپور ضلعي جي جهونن آثارن بابت ايتري ڄاڻ نه هئي، جيتري حامي صاحب پنهنجي مقالي جي هڪ باب ۾ بيان ڪئي آهي. حامي صاحب خيرپور ضلعي ۾ 26 جهونن آثارن جو نه فقط ذڪر ڪيو آهي، بلڪه انهن بابت ڀرپور ڄاڻ پڻ مهيا ڪئي آهي، اهڙي ريت پاڻ جهونن آثارن جي ماهرن لاءِ به لاٽ ۽ واٽ ٻڌيو آهي جن ۾ لاکين جو قديم دڙو جنهن تي هاڻي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي جهونن آثارن جي شعبي جا پروفيسر وڙهي پيا آهن، ۽ ان جي کجهه کوٽائي به ٿي آهي، تنهن جو ذڪر حامي صاحب پنهنجي مقالي ۾ 40 سال اڳ ڪري ويو آهي.

خيرپور رياست جي زراعت بابت به حامي صاحب باقاعده انگ اکر گڏ ڪيا آهن ۽ هڪ چارٽ وسيلي مختلف فصلن جا انگ اکر سال وار ڏيئي انهن جو تقابلي جائزو ورتو اٿس ته ڪهڙي سال ڪيتري ايراضي تي ڪهڙو فصل پوکيو ويو ۽ ان مان ڪيتري اپت حاصل ٿي آهي. اپت ۾ ڪيتري واڌ ۽ گهٽتائي ٿي آهي، اهڙي قسم جي ڄاڻ هٿ ڪرڻ ۽ انجو تجزيو ڪري پيش ڪرڻ مان اهو تاثر ملي ٿو ته جيئن مرزا قليچ بيگ کي هر موضوع، مضمون ۽ شعبي تي ڪماليت حاصل هئي، سا دسترس حامي صاحب کي به مختلف موضوعن ۽ مضمونن تي حاصل هئي.

حامي صاحب پاڻ اهو سڄو مقالو هٿ سان لکيو آهي، جيتوڻيڪ ان دور ۾ ڪمپيوٽر تي اها سهولت ميسر نه هئي پر سنڌي ٽائيپ رائٽر اچي چڪو هو، ٿي سگهي ٿو ته کين خيرپور ۾ ٽائيپ رائيٽر جي سهولت نه هجي، ان ڪري پاڻ هٿ سان اهو مقالو لکي تيار ڪيو اٿن ۽ ان جي ڪاپين لاءِ ڪٽي ڪارو ڪاربان ته ڪٽي بلو ڪاربان پيپر استعمال ڪيو اٿن، پنهنجي هٿ سان مختلف نقشا ۽ انگن اکرن جا چارٽ تيار ڪيا اٿن، پنهنجي مقالي جي مستند هئڻ بابت مددي دستاويزن طور 136 اهم ۽ تاريخي تصويرن جو

استعمال ڪيو اٿن جنهن لاءِ پاڙ جس لهڻين. مثال لاءِ سندس ترتيب ڏنل چارٽ (5) :

**خيرپور جي مکيہ فصلن جي ايراضي ۽ پيدائش سال 1971ع کان 1976ع تائين**

| فصل | 1971-72ع | | 1972-73ع | | 1973-74ع | | 1074-75ع | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | ايراضي ايڪڙن ۾ | پيدائش گڻڙين ۾ | ايراضي ايڪڙن ۾ | پيدائش گڻڙين ۾ | ايراضي ايڪڙن ۾ | پيدائش گڻڙين ۾ | ايراضي ايڪڙن ۾ | پيدائش گڻڙين ۾ |
| 1. ووئنڙ | 109586 | 94002 | 104000 | 100049 | 103077 | 93070 | 105201 | 83845 |
| 2. ڪٽڪ | 162727 | 106777 | 186521 | 102455 | 205355 | 125145 | 175070 | 96479 |
| 3. ڪمند | 12763 | 175831 | 12107 | 166794 | 14594 | 201592 | 14530 | 152133 |
| 4. جوئر | 72361 | 21480 | 7865 | 23404 | 59966 | 17955 | 67374 | 19801 |
| 5. ٻاجهري | 3931 | 979 | 4630 | 1157 | 5472 | 1367 | 5472 | 1357 |
| 6. مڪئي | 1607 | 324 | 1903 | 385 | 2384 | 483 | 2513 | 508 |
| 7. تيلي ٻج | 20586 | 4995 | 23555 | 5720 | 19238 | 4771 | _ | _ |
| 8. ساريون | 9182 | 5222 | 10067 | 5752 | 16136 | 9242 | 12854 | 7149 |
| 9. تِرَ | 113 | 19 | 102 | 17 | 280 | 47 | 114 | 19 |
| 10. تماڪ | 417 | 208 | _ | _ | 669 | 338 | 720 | 355 |
| 11. ٻوهي مگ | 979 | 653 | 1001 | 500 | 615 | 300 | 184 | 15 |
| 12. انب | 8392 | 26514 | 8405 | 28315 | 8620 | 25627 | 8725 | 26807 |
| 13. ڪجيون | 12350 | 44107 | 12569 | 44889 | 13972 | 46325 | 14059 | 58755 |
| 14. ڪيلا | 220 | 782 | 935 | 1495 | 772 | 2275 | 14095 | 24135 |
| 15. زيتون | 250 | 479 | 255 | 489 | 445 | 19551 | 415 | 1275 |
| 16. پاچيون | 1290 | 8330 | 1385 | 9746 | 1261 | 6662 | 893 | 4531 |

حامي نہ فقط هڪ وڏو عالم ۽ محقق هو پر هڪ عظيم انسان بہ هيو ۽ انساني عظمت جو قائل بہ هو. چيو اٿس:

انسان جي عظمت کي سچو سمجهون ٿا،
هر ڪنهن کي اسين صاف سٺو سمجهون ٿا،
پر جو ديس جو دشمن ٿئي ٿو حامي،
ان ڪڙم جي ويري کي ڪتو سمجهون ٿا.

## حوالا

1. Edward Paterson Dal Hoste (Selected Reports) observing Sindh, Oxford University Press, 2008, Page 76.
2. Edward Paterson Dal Hoste (Selected Reports) observing Sindh, Oxford University Press, 2008, Page 82.
3. حامي، عطا محمد. خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع، صفحو 44.
4. حامي، عطا محمد. خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع، صفحو 45.
5. حامي، عطا محمد. خيرپور جي ميرن جو ادب سياست ۽ ثقافت ۾ حصو، اصل هٿ اکرن ۾ لکيل پي ايچ ڊي ٿيسز، صفحو 108.

Shah Abdul Lat